وسيم حسن ملڪ
۽ مبارڪ علي لاشاري

# ناول ”ڪيف ڏاران ڪوءِ..“ : فن، ڪردارسازي ۽ ڪهاڻيءَ جو تنقيدي جائزو

***Abstract***

*The present research critically analyzes Sindhi novel, “Kaif Dharan koe” by the young novelist, Munir Chandio. The paper is an attempt to examine and evaluate Sindhi novel according to parameters, theory and standard of English novels. The novel has been discussed at length in the light of E. M. Forster’s “Aspects of Novel” for its story, plot, characters and characterization. The study proves that the novel falls behind the Standard English novel as it lacks a complex and convincing plot, and its characters are also flat, unable to change/grow with the changing circumstances.*

## تعارف:

’ڪيف ڏاران ڪوءِ‘ نوجوان ليکڪ منير چانڊئي جو سنڌ يونيورسٽيءَ جي پس منظر ۾ لکيل هڪ رومانوي ناول آهي. سنڌ ادب ۾ جتي شاعريءَ جي روايت گهڻي مضبوط ۽ لڳ ڀڳ هزار سال پراڻي آهي. سنڌ ڀٽائي، سچل، سامي ۽ شيخ اياز جهڙا عظيم شاعر پيدا ڪيا آهن، اتي ٺئي ٻئي پاسي نثر جي روايت گهڻي قدر ڪمزور رهي آهي ۽ انهيءَ تناظر ۾ هي هڪ نئون لقاءُ (Phenomenon) آهي.

“Ironically, a strange phenomenon exists in Sindhi literature: it took seven centuries to grow from poetical form to prose; while in other literatures of the world, this evolutionary process took relatively shorter time.”(1)

(هڪ عجيب ستم ظريفي سنڌي ادب ۾ اها به آهي ته ان ۾ نظم مان نثر اسرڻ ۾ ست صديون لڳي ويون، جڏهن ته باقي دنيا جي ادب ۾، ارتقا جو اهو مرحلو نسبتاً گهٽ رهيو آهي.)

ناول جي صنف ته سنڌي ادب ۾ نسبتاً اڃا نئين آهي، جيڪا 1870ع ۾ ڊاڪٽر جانسن جي ناول ’راسيلاس‘ کي سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ سان شروع ٿي، ۽ سنڌي ادب ۾ طبعزاد ناول جي روايت مرزا قليچ بيگ 1881ع ۾ ’دلارام‘ ۽ 1885ع ۾ ’زينت‘ سان شروع ڪئي. ’دلارام‘ سنڌي ادب ۾ پهريون اصلوڪو ناول آهي. ناول کي لڳ ڀڳ ڏيڍ صدي گذرڻ کان پوءِ به اها حيثيت حاصل نه ٿي سگهي آهي.

ناول جيئن ته اولهه جي صنف آهي ۽ لفظ ناول (Novel) پڻ اطالوي زبان جي لفظ Novella مان اخذ ڪيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ: Storia يعني نئين ڪهاڻي





آهي، تنهن ڪري منير چانڊئي جي سنڌي ناول ’ڪيف ڏاران ڪوءِ‘ جو تجزيو جديد انگريزي ناول جي معيار موجب ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندي، هن مقالي ۾ ان ناول جي فن، ڪهاڻي ۽ ڪردارسازيءَ جو تنقيدي اڀياس ۽ تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ته ڇا هي انگريزي ناول جي تصور، نظريي جي معيار ۽ پيماني تي پورو لهي ٿو؟ يا ان معيار کان هي ناول ڪيترو مختلف آهي؟

آڪسفورڊ ڊڪشنري موجب:

“Novel is a fictitious prose narrative of book length, typically representing character and action with some degree of realism.”(2)

( ناول لڳ ڀڳ هڪ ڪتاب جي وسعت جيترو افسانوي نثر آهي، جيڪو ڪردار ۽ قصي کي ڪنهن حد تائين حقيقت نگاريءَ ذريعي پيش ڪري ٿو.)

برٽينيڪا انسائيڪلوپيڊيا موجب:

“An invented prose narrative of considerable length and a certain complexity that deals imaginatively with human experience, usually through a connected sequence of events involving a group of persons in a specific setting.”(3)

(هڪ اهڙو نثري شهپارو، جيڪو ڪجهه ڊيگهارو ۽ پيچيده هجي، جيڪو تصوراتي طرح انساني تجربي سان لاڳاپيل هجي، جيڪو عام طور تي واقعن کي ترتيب سان پيش ڪري، جنهن ۾ ماڻهو ڪنهن مخصوص طرح بيان ڪيل هجن.)

ناول جي مٿين وصف ۽ ان جي جزن کي آڏو رکندي جڏهن ناول ’ڪيف ڏاران ڪوءِ‘ کي ڏسجي ٿو ته هي ناول سنڌ يونيورسٽي جي هڪ شاگرد ۽ شاگردياڻي، منصور ۽ سنڌيا جي پيار ڪهاڻي آهي، جيڪي سنڌي شعبي ۾ ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندا آهن. ڪهاڻي چئن سالن جي عرصي تي پکڙيل آهي. ناول پڙهڻ کان پوءِ اها راءِ جڙي ٿي ته ناول خياليءَ کان وڌيڪ حقيقي آهي. ڪهاڻي ۽ ڪهاڻيءَ جا ٻئي مرڪزي ڪردار تمام گهڻا حقيقي ڪري پيش ڪيا ويا آهن. ٻين لفظن ۾ هي ناول هڪ سچي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪنهن حد تائين افسانوي رنگ شامل آهي. جيتوڻيڪ ڪردارن جا نالا اصلي به آهن، پر اهي به اصلي نالن سان ملندڙ آهن. جيئن ناول جو مرڪزي ڪردار ’منصور‘ جو نالو ليکڪ جي پنهنجي نالي ’منير‘ سان ڪافي ملندڙ آهي. ايئن ئي ميڊم گلمينا اصل ۾ سنڌي شعبي جي هڪ استاد جو نالو آهي، جاين ۽ شهرن جا نالا سڀ اصلي آهن. سنڌ يونيورسٽي کان ويندي المنظر تائين، ڪوزي حليم واري کان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪيفي جارج تائين، حيدرآباد، لاڙڪاڻي ڪان وٺي ڪراچيءَ تائين، سوسائٽي ڪان ڊفينس، آرٽس فيڪلٽي ڪان مارئي هاسٽل، زيرو پوائنٽ ڪان لورز پوائنٽ ۽ جيمخانہ تائين ڪهاڻي پڙهندي، اهي سڀ حقيقي نالا اهو تاثر ڏين ٿا تہ. پڙهندڙ هڪ ناول نہ، پر ليکڪ جي پيار جي اصل ڪهاڻي پڙهي رهيو آهي، تنهن ڪري ناول ڪافي حد تائين آتم ڪٿائي بہ محسوس ٿئي ٿو. ليکڪ جي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ گهڻي معلومات تہ نہ آهي، پر ناول جي شروع ۾ عروج شورو جي لکيل، 'ليکڪ جي تعارف' مان خبر پئي ٿي تہ، منير چانڊئي جو تعلق ضلعي لاڙڪاڻي سان آهي ۽ هن سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي مان ايم اي سنڌي ڪئي، 1999ع ڌاري سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو، ۽ هو مختلف تنظيمن جي پليٽ فارم تان جمهوريت، امن، سماجي انصاف، جنسي برابري ۽ انساني حقن لاءِ جاکوڙيندو رهيو آهي. سندس طبيعت جي باري ۾ ٻڌايل آهي تہ، هو نهايت حساس، جذباتي، مثبت ۽ ڪلئي ذهن جو مالڪ آهي.

جڏهن ناول جي مرڪزي ڪردار 'منصور' تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ منصور بہ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو شاگرد ۽ سندس تعلق لاڙڪاڻي سان آهي. هو بہ ليکڪ وانگر سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺي ٿو. منصور ۽ سنڌيا پاڻيءَ جي کوٽ، گريٽر ٿل ڪينال ۽ ڪالاباغ ڊيم خلاف پيادل مارچ ۾ شرڪت ڪن ٿا. ليکڪ وانگر منصور بہ ڏاڍو همدرد ۽ ماڻهن جو احساس رکڻ وارو انسان آهي، جيڪو سماجي ڀلائيءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو. هو ڪنهن حادثي ۾ زخمي ٿيل اجنبي لاءِ پنهنجو موبائل سيٽ چندي ۾ ڏيندي چوي ٿو: ”هي منهنجو موبائل فون وڪڻي ان جا پيسا چندي ۾ شامل ڪري ڇڏيو“[4] ۽ چوي ٿو: ”پيارا! منهنجو موبائل فون استعمال ڪرڻ ڪان ڪنهنجي جان وڌيڪ آهي.“[5] منصور ليکڪ وانگر سماجي براين، جهڙوڪ: ڪامريڊ ڪلچر، بائيڪاٽ ۽ ڪارو ڪاري جهڙن سماجي مسئلن تي تنقيد ڪري ٿو. منصور بہ منير وانگر کلي ذهن جو ماڻهو آهي. هو پنهنجي محبوبا کي پنهنجي دوستن: محمد علي ۽ سڪندر سان ملائي ٿو ۽ پنهنجي دوست مراد جي دعوت کائڻ لاءِ سنڌيا کي بہ گڏ وٺي وڃي ٿو. منصور جو دوست محمد علي پنهنجي دوست سڪندر کي منصور جو تعارف هنن لفظن ۾ ڪرائي ٿو: ”هي منصور صاحب آهي. ڪهاڻيون ۽ مضمون لکندو آهي هينئر سنڌي شعبي ۾ پڙهي ٿو...“[6] اهو تعارف ليکڪ لاءِ بہ ايترو ئي مناسب آهي جيترو منصور جي لاءِ. سڄي ناول ۾ اها ڳالهہ واضح آهي تہ





منصور هڪ نهايت ئي جذباتي ۽ حساس شخص آهي. سندس محبت ڏانهن رويو بہ انتهائي جذباتي آهي. هن بحث ڪان پوءِ هڪڙو نُڪتو تہ ثابت ٿي وڃي ٿو تہ ناول آتم ڪٿائي آهي، پر ناول جو آتم ڪٿائي هئڻ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ نہ آهي، پر مسئلو اهو آهي تہ ليکڪ پنهنجي حقيقي ڪهاڻيءَ کي چڱيءَ طرح افسانوي رنگ ڏيئي نہ سگهيو آهي. جيئن اسان مٿي ناول جي وصف ۾ ڏٺو تہ ناول انساني تجربن کي تصوراتي ۽ تخيلي طرح بيان ڪري ٿو، پر 'ڪيف ڌاران ڪوءِ' جو ليکڪ ان ڳالهہ ۾ پوري طرح ڪامياب نہ ٿي سگهيو آهي ۽ ناول انساني تجربي ڪان وڌيڪ ذاتي تجربي کي بيان ڪري ٿو.

## ڪهاڻي، پلاٽ ۽ نقطہ نظر:

اِي. ايم. فورسٽر (E. M. Forster) مطابق ناول جو بنياد ڪهاڻي آهي.

فورسٽر ڪهاڻيءَ جي وصف هن ريت بيان ڪئي آهي:

"….a story is a narrative of events arranged in time sequence"[7]

۽ هو اهو بہ چئي ٿو تہ آکاڻي ۽ پلاٽ بہ ڌار شيون ۽ جزا آهن:

"A plot is also a narrative of events, the emphasis falling on causality. 'the king died and then the queen died' is story. 'the king died and then the queen died of grief' is a plot."[8]

(پلاٽ پڻ واقعن جو بيان آهي، جنهن ۾ زور واقعن تي آهي. ”بادشاهہ مري ويو ۽ پوءِ راڻي مري وئي“ آکاڻي آهي، جڏهن تہ ”بادشاهہ مري ويو ۽ پوءِ سندس ڏک ۾ راڻي مري وئي“ پلاٽ آهي.)

فورسٽر مطابق آکاڻي ۽ پلاٽ ۾ بنيادي فرق اهو آهي تہ ڪهاڻي ۾ ”۽ پوءِ“ تي ڌيان هوندو آهي، جڏهن تہ پلاٽ ۾ ”ڇو ٿيو“ تي ڌيان ڏنل هوندو آهي.

ڪهاڻي ۽ پلاٽ جي مٿين وصف ۽ بنيادي فرق جي روشنيءَ ۾ جڏهن 'ڪيف ڌاران ڪوءِ' جي ڪهاڻيءَ کي ڏسجي ٿو تہ ڪهاڻي زمان ماضيءَ ۾ تاريخ وار ترتيب (Chronological order) ۽ (Time Sequence) ۾ بيان ٿيل آهي.

ڪهاڻي پهرين سيميسٽر ۾ شروع ٿئي ٿي ۽ لڳ ڀڳ چئن سالن ڪان پوءِ فائنل ايئر ۾ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي ٿي. ڪهاڻي جيئن تہ پنهنجي مرڪزي ڪردارن: سنڌيا ۽ منصور جي چوگرد گهمي ٿي ۽ ان ۾ ڪي بہ ماتحتي پلاٽ (Sub-plot) نہ آهن، تنهن ڪري محبت جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي ڊيگهہ آهي. آکاڻيءَ کي ان ڪان مختصر بيان ڪري سگهيو پئي. ڊيگهہ جو هڪ سبب آکاڻيءَ ۾ ورجاءُ بہ آهي، جنهن ۾ ڪافي ڳالهيون، جهڙوڪ: صبح جو سنڌيا جو فزيالاجي ڊپارٽمنٽ تي پهچي منصور جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انتظار ڪرڻ، گڏجي نيرن ڪرڻ، گڏجي آرٽس فيڪلٽي هلڻ ۽ پوءِ فاطمه جناح گرلز جمنازيم جي پنيان ويهڻ ۽ شام جو مارئي هاسٽل جي سامهون مرزا قليچ پارڪ ۾ ملڻ ۽ لورز پوائنٽ تي وڃڻ. اهڙا واقعا آهن. جيڪي وري وري بيان ڪيل آهن. ان ڪان سواءِ هر ملاقات ۾ چمي ۽ ڀاڪر جو ذڪر ڪيل آهي. ان ڪري هڪ ته ڪهاڻي ڊگهي ٿي وئي آهي ۽ ٻي طرف ڪهاڻي يڪسانيت جو شڪار ٿي وڃي ٿي . ڪهاڻيءَ ۾ يڪسانيت جو هڪ ٻيو سبب اهو آهي ته ڪهاڻي هڪ ئي ڪيفيت ۽ ڌارا ۾ بيان ڪيل آهي. ڪهاڻيءَ کي بيان ڪرڻ لاءِ جيڪا ٽيڪنيڪ يا نقط نظر استعمال ڪيو ويو آهي اهو First person narrative آهي، جنهن ۾ ٻڌائيندڙ پاڻ به هڪ ڪردار ئي هوندو آهي. هو ٻين ڪردارن جي اندر (نيتن) کان اڻڄاڻ هوندو آهي. اها ٽڪنيڪ هن ناول لاءِ ان حد تائين ته بهترين آهي ته منصور، سنڌيا جي اصل ڪردار/ نيت کان پڙهندڙن وانگر آخر تائين اڻڄاڻ رهي ٿو، ۽ ڪيس اندر جي ارادن جي تڏهن خبر پوي ٿي جڏهن پڙهندڙن کي به پئي ٿي. ( جڏهن ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ سنڌيا مستقبل لاءِ منصور سان بيوفائي ڪري وڃي ٿي)، پر هن ٽڪنيڪ جو استعمال ۽ ان سان گڏ سڄي ڪهاڻي زمان ماضيءَ ۾ بيان ڪرڻ مان ڪهاڻيءَ جي رواني غير فطري ۽ ڪهاڻي يڪسانيت جو شڪار ٿي وڃي ٿي.

مطلب ته مواد ۾ ورجاءُ ۽ بيان ۾ هڪڙي ئي ٽيڪنيڪ جي استعمال ڪهاڻيءَ کي Monotonous ڪري ڇڏيو آهي.

"تون منهنجي لاءِ ڇا هئينءَ................. "

"تون منهنجي ڪلاس فيلو هئينءَ............. "(9)

ليکڪ هن ٽيڪنيڪ جي استعمال ۾ زمان ماضي سادي جي بجاءِ زمان ماضي ڪامل استعمال ڪري ٿو:

".......ڪن پل ڪانپوءِ توکان پڇيو هوم... "

"توهان شايد مون کي سڏيو"

"جي......ها......! "

"تون ساڳئي آهستگيءَ مان ٻهرين جِي چيو هو ۽ هڪ مختصر ساهيءَ ڪانپوءِ ها ۽ وري گهري سوچ ۾ ٻڏي وئي هئين! مون توکي انتهائي سڪ ۽ پنهنجائپ مان چيو هو."(10)

ناول جي ابتدا ئي 'تون' کان ٿئي ٿي. جڻ سڄي ڳالهه ڪنهن کي مخاطب ڪري بيان ڪيل آهي. هي ٽيڪنيڪ شاعريءَ جي صنف ۾ ته عام جام آهي. جيئن





'Ode' ۾ شاعر ڪنهن کي مخاطب ڪندي پنهنجي جذبن ۽ خيالن جو اظهار ڪندو آهي، پر ناول ۾ اها ٽيڪنيڪ تمام گهٽ استعمال ٿيندڙ آهي. اها ٽيڪنيڪ Dramatic Monologue ۽ Soliloquy سان مشابهت رکي ٿي، جنهن ۾ ڪردار پنهنجي اندروني ڪيفيت ٻاهرين دنيا سان ونڊي ورڇي ٿو.

هڪ ته ناول First person ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ٻيو ٻڌائيندڙ وري وري 'تون' ٿي مخاطب ڪرڻ ۽ زمان ماضي سادي جي بدران زمان ماضي ڪامل جو استعمال، هي سڀ ڳالهيون گڏجي قصي جي وهڪري کي متاثر ڪن ٿيون، تنهن ڪري ڪهاڻي يڪسانيت جو شڪار ٿيندي نظر اچي ٿي.

فورسٽر مطابق، ڪهاڻي ناول جو ننڍو يا هلڪوجز، جڏهن ته پلاٽ ناول جو اعليٰ جز آهي.

'ڪيف ڌاران ڪوءِ' جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان جو پلاٽ ڪمزور آهي. جيئن ته اسان مٿي بحث ڪري چڪا آهيون ته پلاٽ "ڇو" جي صورتحال تي فوڪس ڪري ٿو. ناول ۾ منصور جي ننڍپڻ جي ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڏاڏو ساڻس ڏاڍو پيار ڪري ٿو، پر سندس پيءُ ڪيس ايڏو پيارو نٿو ڪري. پدري معاشري ۾ پيءُ جو ڌيءُ سان پيار نه ڪرڻ ته سمجهه ۾ اچي ٿو، پر پٽ جيڪو پدري سرشتي جو اهم حصو هوندو آهي، ان سان پيار نه ڪرڻ سمجهه ۾ نه ٿو اچي، ۽ منصور جي ڏاڏي جي موت کان پوءِ جڏهن سندس پيءُ ٻي شادي ڪري ٿو ته "ڪالهه جا امير، فقير ٿي ويا" ۽ ايترا غريب ٿي ويا جو دوا لاءِ هڪ سرڪاري اسپتال جا ڌڪا کائي ٿو. اها ڳالهه متاثر ڪندڙ نه ٿي لڳي ۽ اهو نُڪتو به انتهائي اهم آهي ته هڪ مالدار ڏاڏي جو لاڏلو ٻار، جيڪو عام طور تي بگڙيل ۽ ضدي هوندو آهي، سو ايڏو سمجهو، سلجهيل ۽ ذميوار ڪيئن ٿي سگهي ٿو، اهو سوال به پنهنجي جاءِ تي موجود آهي.

فورسٽر مطابق:

"Mystery is essential to a plot, and cannot be appreciated without intelligence. To the curious it is just another "and then". To appreciate a mystery, past of the mind must be left behind, brooding, while to other past goes marching on."(11)

ناول جي ڪهاڻي پڙهندڙ جي تجسس جي حس کي ته ڇڪي وڃي ٿي، پر ايئن لڳي ٿو ته ليکڪ گهڻي حد تائين تجسس پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ويو آهي. هڪڙو تجسس جيڪو منير ناول جي شروع ۾ سنڌيا متعلق پيدا ڪري ٿو ته هو هميشه ڏاڏي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اداس رهي ٿي:

”مون ڏٺو هو، ته منهنجي مرڪ جي هوا جو هلڪو جهوٽو تنهنجي اداس مک جي مائونٽ ايوريسٽ کي ڇهي رهيو هو. مون ايڏي اداسي تنهنجي چهري کان سواءِ ٻي ڪنهن جي چهري تي ڪانه ڏٺي هئي. تون ايڏي اداس ڇو هئين؟ ان جي ته مون کي ڪاخبر ڪانه هئي.“[12]

پر اها پُراسراريت جلد ئي حل ٿي وڃي ٿي، جڏهن سنڌيا، منصور کي پنهنجي باري ۾ ٻڌائي ٿي ڇڏي. هڪ ٻي پُراسراريت تڏهن سامهون اچي ٿي جڏهن منصور ۽ سنڌيا ڪراچيءَ ۾ هڪ دوست جي فليٽ تي رات گذاريندا آهن، تڏهن سنڌيا منصورکي چوي ٿي:

”مون سان دوکو نه ڪجانءِ، ۽ .....۽......مون کي Exploit نه ڪجانءِ، مان.........مان....... “[13]

۽ پوءِ وري سنڌيا جو بلائوز ۽ نائٽي ۾ ڪلها ۽ ڇاتي ظاهر ڪري منصور جي سامهون اچڻ ۽ وري منصور کي اهو چوڻ ته : ”اسان کي شادي تائين ڪنٽرول ڪرڻو پوندو“ سنڌيا جو هي رويو انتهائي تجسس پريو آهي. جيڪڏهن سنڌيا جو ايڪسپلائٽ نه ڪرڻ جو چئي ڪري اصل مقصد منصور سان جسماني تعلق قائم ڪرڻ نه هو، ته هن کي عين موقعي تي اهو چو ٿي چئي ته اسان کي شادي تائين انتظار ڪرڻو پوندو. يا اهو به ممڪن آهي ته سندس ماضيءَ جو هڪ اڻ وڻندڙ تجربو، جڏهن سندس پيءُ جي دوست، جيڪو کيس ڌيءَ سڏيندو هو، ساڻس زوريءَ جنسي ڏاڍ ڪيو هو، تنهن ڪري وقتي طور تي اهو سندس ذهن ۾ لاشعوري طور تي مرد کان ويٺل ڊپ غالب ٿي ويو هو، ۽ اهو به ممڪن آهي ته ڪراچي فليٽ ۾ سنڌيا، منصور کي Provoke ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن سندن وچ ۾ جسماني تعلق قائم ٿي سگهي، پر بيوقوفيءَ جي حد تائين سڌو ۽ شريف منصور، سنڌيا جي اصل پيغام کي سمجهي نه سگهيو. اهو اسرار شايد ناول جي پڇاڙيءَ تائين اسرار ئي رهيو.

ناول جي ڪهاڻي پنج حصن يا بابن تي مشتمل آهي. پهرين چئن بابن ۾ منصور ۽ سنڌيا جي پيار ڪهاڻي اٽڪل هڪ ئي وهڪري ۾ هلندي رهي ٿي. ان دوران ڪهاڻيءَ ۾ ڪوبه موڙ نه ٿو اچي، ۽ نه ئي ليکڪ ڪنهن مونجهاري کي پيش ڪري ٿو، جيڪو پڙهندڙ جي دلچسپي قائم رکي ۽ آخر ۾ ان کي نبيري. ناول جو عروج آخري





باب ۾، جڏهن ته ڪهاڻي پنهنجي پڇاڙيءَ جي بالڪل ويجهو آهي تڏهن اچي ٿو جڏهن سنڌيا، منصور سان موبائل فون تي ڳالهائڻ کان لنوائڻ لڳندي آهي، ۽ منصور کي سنڌيا جو نمبر اڪثر مصروف ملڻ لڳندو آهي. نيٺ سنڌيا، منصور سان اهو اعتراف ڪندي آهي ته هونور محمد نالي پنهنجي پراڻي عاشق سان فون تي ڳالهائيندي آهي، پوءِ اهو ڪلائيميڪس اچا وڌندو رهي ٿو:

”منصور! توکي رڳو هڪ هفتي جو وقت اٿئي. جيڪڏهن تون پنهنجي مائٽن کي راضي ڪري منهنجي رشتي لاءِ موڪليو ته ٺيڪ؛ نه ته امان وارا منهنجي شادي ڪرائي ڇڏيندا!“[14]

منصور ڳوٺ ويندو آهي ۽ سندس ماءُ پيءُ راضي ٿي ويندا آهن. تڏهن ايئن لڳندو آهي ته ڄڻ هاڻ ٻنهي جي شادي ٿي ويندي، پر هتي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نئون موڙ تڏهن اچي ٿو، جڏهن سنڌيا، منصور کي اهو چئي حيران ڪري ڇڏي ٿي ته :

”امان چيو ته تنهنجو رشتو ڏارين ۾ نه ڪنداسين.“[15] ۽ اتان ئي ناول جو ائنٽي ڪلائيمڪس شروع ٿئي ٿو.

Oxford Concise Dictionary of Literary Term موجب:

“Anti-climax is an abrupt lapse from growing intensity to triviality in any passage of dramatic, narrative or descriptive writing, with the effect of disappointed expectation or deflated suspense, where the effect is unintentionally feeble or ridiculous. It is known as Bathos.”[16]

ائنٽي ڪلائيمڪس جي مٿيئن وصف موجب اعليٰ اونچاين ۽ شدت کان پوءِ جڏهن غير متوقع طور تي عام ۽ ردعمل آڏو اچي ٿو ته اهو اينٽي ڪلائميڪس آهي. هن ناول ۾ به اعليٰ ويچار ۽ بلند اخلاق رکندڙ ۽ اعليٰ ڪردار واري منصور ۽ غير روايتي بهادر ۽ معاشري جي ابتڙ انوکي قسم واري سنڌيا جي هڪ ٻئي سان شدت واري پيار، گڏ رهڻ جي واعدن، قسمن ۽ هڪٻئي بنا مري وڃڻ جي ڳالهين کان پوءِ انت تمام ادنيٰ ۽ ڪمزور بلڪ غير حقيقي محسوس ٿئي ٿو.

”امان چيو هو ته تنهنجو رشتو ڏارين ۾ نه ڪنداسين......“[17]

”ڏس نه منصور! هيءُ دور پنهنجي مطلب جو آهي، هر ماڻهوءَ کي پنهنجو فائدو ڏسڻ گهرجي، تو سان شادي ڪرڻ کان بهتر آهي، ته مان نور محمد سان شادي ڪريان.“[18]

سنڌيا جو منصور کي پئسي ۽ پنهنجي موالي ڀاءُ جي لاءِ بدي ۾ سگ وٺڻ لاءِ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٺڪرائي ڇڏڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي مطلبي ثابت ڪرڻ، هن کي اعليٰ ڪردار جي متاهين درجي تان هيٺ ڪيرائي، هڪ عام روايتي، بيوفا، لالچي ۽ سطحي سوچ رکندڙ ڪردار ثابت ڪري ٿو، جيڪو اهڙي ڪردار مان بالڪل به متوقع نه هو ۽ آکاڻي، جيڪا پڙهندڙ کي هڪ رومانوي ۽ جذباتي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿي، اتان آکاڻيءَ جو ايئن روايتي ڳالهه تي ختم ٿيڻ پڙهندڙ جي توقع جي بالڪل ابتڙ آهي.

## ڪردار ۽ ڪردار سازي Characters and Characterisation

فورسٽر ناول جي ڪردارن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي ٿو: سڌو سنئون (Flat) ۽ گهڻ رُخو (Round) ڪردار.

"We may divide characters into flat and round. Flat characters were called 'humorous' in the seventeenth century, and are sometimes called types, and sometimes caricatures. In their purest form, they are constructed round a single idea or quality."[19]

فورسٽر مطابق سڌو/تُز ڪردار گهڻ رُخي ڪردار کان هلڪو ۽ ادنيٰ هوندو آهي ۽ گهڻ رُخو ڪردار درجي جو بهتر آهي. هن موجب سڌي ڪردار کي هڪ خيال (Single idea يا Quality) جي گرد ڳنڍيو ويندو آهي، ۽ هو مختلف حالتن مان گذري به ساڳيو رهندو آهي، ۽ آکاڻيءَ جي اڳتي وڌڻ سان گڏ تبديل نه ٿيندو آهي، بلڪ شروع کان آخر تائين ساڳيو ئي رهندو آهي. انهيءَ ڪري پڙهندڙ لاءِ سڃاڻڻ ۽ ياد رکڻ ۾ به سولو هوندو آهي.

ٻي طرف گهڻ رُخي ڪردار جي تخليق ناول نگار جي وڏي ڪاميابي هوندي آهي.

"For we must admit that flat people are not in themselves as big achievement as round ones."[20]

۽ وڌيڪ اهو ته سڌو ڪردار مزاح لاءِ ۽ گهڻ رُخو ڪردار الميي لاءِ مناسب يا موزون هوندو آهي. فورسٽر مطابق گهڻ رُخو ڪردار هڪ جهڙو نه ٿو رهي، بلڪ حالتن سان گڏ بدلجندو رهي ٿو.

مٿي ڄاڻايل ڪردار جي ٻن قسمن جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن 'ڪيف ڏاران ڪوءِ' جي ڪردارن کي ڏسجي ته ناول جيئن ته ٻن مرڪزي ڪردارن تي ٻڌل آهي، تنهن ڪري سنڌيا ۽ منصور جي ڪردارن جي تجزئي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

منصور هڪ سڌو سنئون ڪردار آهي. فورسٽر موجب، هو هڪ خيال يا





خاصيت جي بنياد تي ٺهيل آهي. اهو هڪ خيال يا خاصيت ۽ جذبات آهي. منصور جو سچو ڪردار 'محبت' جي جذبي جي چوگرد اُڻيل آهي. هو سنڌيا سان ملڻ کانپوءِ سندس پيار ۾ وڃائجي وڃي ٿو. ان حد تائين جو سنڌيا ۽ هن جو پيار هن جي مجبوري ۽ ڪمزوري ٿي وڃي ٿو. ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ سنڌيا جي منصور کي ٺڏي ڇڏڻ کان پوءِ آخري ملاقات ۾ منصور جي ڪيفيت هڪ مجبور، لاچار، بيوس ۽ مظلوم انسان جي آهي، جيڪو هڪ مطلبي ۽ لالچي ڇوڪريءَ کان ڌوڪو کائي به هن کي خراب نه ٿو سمجهي. سندس مجبور ۽ جذباتي ڪيفيت ڏسندي سنڌيا ڪيس چوي ٿي:

"پاڻ سنڀال منا! پاڻ سنڀال! ايئن ته تون مري ويندي."[21]

منصور جي ڪيفيت هيٺين بيان ڪيل آهي:

"منهنجو چڻ هنياءُ ڦاٽي پيو هو، دل چيو هو ٻارن وانگر رڙيون ڪري روئان. منهنجي نڙيءَ ۾ ڪلين ۾ سور پئجي ويو هو، منهنجي دل ڌڙڪي نه پئي چڻ هاٿيءَ جي پيرن هيٺيان اچي وئي هئي....."[22]

منصور هڪ گهڻ رُخو ڪردار هجي ها ته پيار کي پنهنجي ڪمزوري بجاءِ طاقت بڻائي اسان کي ڇرڪائي ڇڏي ها، پر هن جي ڪردارسازي ئي ان طرح ڪئي وئي آهي ته هو هن قابل ئي نه رهيو آهي جو هن جي اندر اها تبديلي اچي سگهي. جيئن اسان مٿي بحث ڪيو ته سڌو ڪردار حالتن جي اثرانداز ٿيڻ سان تبديل نه ٿيندو آهي ۽ ساڳيو ئي رهي ٿو. منصور جو ڪردار به ناول جي شروع کان آخر تائين هڪ جهڙو ئي رهي ٿو. هو ڪهاڻيءَ جي شروع کان ئي هڪ جذباتي، حساس، سچو، همدرد، شريف ۽ خامين کان پاڪ ڪردار ڪري پيش ڪيو ويو آهي، ۽ هو آخر تائين ايئن ئي رهي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه موقعا اهڙا اچن ٿا ته جتي منصور تبديل ٿي سگهيو پئي يا حالتن موجب ان ۾ ڦيرگهير اچي پئي سگهي، پر ايئن نه ٿو ٿئي. مثلاً جڏهن سنڌيا پنهنجي ڳالهه منصور کي ٻڌائي ٿي، ان کان علاوه ڪراچيءَ جي فليٽ وارو واقعو، جتي منصور سنڌيا سان جسماني تعلق قائم ڪري سگهيو پئي ۽ جڏهن سنڌيا جي رويي ۾ تبديلي کان پوءِ هوءَ هن ڳالهه جو اقرار ڪري ٿي ته، هوءَ نور محمد سان فون تي ڳالهائيندي آهي. ان وقت منصور، سنڌيا جي بيوفائيءَ جو احساس ڪري تبديل ٿي سگهيو پئي، پر ايئن نه ٿو ٿئي، ۽ هن کي معاف ڪري وري به پنهنجي تعلق جي حيثيت کي برقرار رکي ٿو.

ناول جي آخر ۾ سنڌيا جي بيوفائيءَ کان پوءِ منصور وٽ آخري موقعو هو ته



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حقيقت کي تسليم ڪندي هڪ بهتر ۽ مضبوط ڪردار تي سامهون اچي ٿو. بالڪل ايئن جيئن جارج برنارڊ شا جي ڊرامي ’ڪئنڊيڊا‘ ۾ جڏهن يوجين جي محبوبہ پنهنجي مڙس جي مجبوريءَ کي ڏسندي يوجين کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ٿي، تڏهن يوجين کان سندس عمر پڇڻ جي ورنديءَ ۾ يوجين جا لفظ انتهائي اهميت جوڳا آهن:

“This morning I was twenty, Now I am as old as this world is”

پر منصور اهڙي مضبوطي، طاقت ۽ پختگيءَ جي اظهار جي بجاءِ پنهنجي لاچاري ۽ ڪمزوري جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

”تون (سنڌيا) جڏهن بہ مون ڏانهن موٽڻ چاهين، موٽي اچجانءِ ۽ مون کي سڄي عمر تنهنجو انتظار رهندو. “[23]

اها بہ انتهائي دلچسپ ڳالھ آهي تہ منصور جو پنهنجو چوڻ اهو آهي تہ هو تبديل ٿي ويو آهي، مطلب تہ ميچوئر ٿي ويو آهي.

”.........(تون) منهنجي اندروني حسن ۽ سمجھ ۾ اضافو ڪيو. “ ۽ منصور جو اهو چوڻ تہ ”ڪونہ ٿو مران جانان! مان ڏاڍو نرچو ٿي ويو آهيان، سڀ سختيون سهي ٿو وڃان. “[24]

منصور جي اها دعويٰ حقيقت جي بلڪل ابتڙ آهي. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ منصور هڪ سڌو ڪردار آهي، پر هو گهڻ رُخو ڪردار هجڻ جو اظهار ڪري ٿو. منصور ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي بہ جذباتي، سچو، همدرد، پيار ڪرڻ وارو، شريف ۽ آئيڊيل انسان ئي رهي ٿو، پر ان ۾ فقط هڪڙي ڳالھ جو واڌارو ٿي وڃي ٿو تہ هاڻي هو عشق جي چوٽ کائڻ کان ڊڄي ٿو ۽ بي حس ٿي وڃي ٿو.

ٻئي طرف سنڌيا جو ڪردار منصور جي ڀيٽ ۾ بهتر تخليق ڪيو ويو آهي. هو هڪ سڌو سنئون ڪردار تہ نہ آهي، پر مڪمل طرح سان گهڻ رُخو ڪردار بہ نہ آهي. سنڌيا جو ڪردار بالڪل ابتڙ ڇوڪريءَ جو آهي. هوءَ هڪ بيحد حسين ۽ سهڻي ڇوڪري آهي. منصور سان ڳالھ ٻولھ هوءَ پاڻ ئي شروع ڪري ٿي. منصور ۽ سنڌيا جي پيار جي وچ ۾ متحرڪ ڪردار سنڌيا جو آهي، جڏهن تہ منصور جو ڪردار مثبت آهي. ڇو تہ اسان جي معاشري جي روايت جي ابتڙ سنڌيا جي دل کٽڻ لاءِ ۽ ان جو پيار حاصل ڪرڻ لاءِ منصور کي ڪي بہ جتن ڪرڻا نہ ٿا پون. بلڪ سنڌيا، منصور سان پنهنجو تعلق پاڻ ئي جوڙي ٿي، اظهار بہ پاڻ ئي ڪري ٿي ۽ ان تعلق کي اڳتي بہ پاڻ ئي





وڌائي ٿي، يعني اڳيرائي سنڌيا ئي ڪري ٿي:

”مان توسان پيار ٿي ڪيان، تمام گهڻو گهڻو پيار ٿي ڪيان I love you so much“.[25]

سنڌيا والد جي پيار کان محروم ۽ والد جي دوست ڊاڪٽر وقار جي طرفان سندس اعتماد ٽٽڻ جو شڪار ٿيل هوندي آهي. جڏهن ڪيس منصور جو پيار ملي ٿو تہ هن جي چهري تي هميشہ رهڻ واري اداسي ۽ ڏک ختم ٿي وڃي ٿو. ان ڳالھ مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌيا منصور جيان بالڪل سڌو ڪردار نہ آهي. حالتن سان گڏوگڏ هن جي ڪردار ۾ تبديلي اچي ٿي. منصور کان اڳ سنڌيا جي ڪيفيت ڏک ۽ ڊپريشن واري هوندي آهي.

”تون منهنجي زندگيءَ جو آخري سهارو آهين. تو کان اڳ مون کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪابہ دلچسپي نہ هئي، تو مون کي ڇڏيو تہ مان خودڪشي ڪري ڇڏيندس.... “[26]

۽ منصور ۽ سنڌيا جي هڪٻئي سان پنهنجا ڏک ونڊڻ کان پوءِ سنڌيا ۾ خوشگوار تبديلي اچي ٿي:

”پنهنجي ڏکن جا اثر گهٽجي رهيا هئا. سچ چوندا آهن تہ ڏک ونڊڻ سان گهٽجي ويندو آهي. تون نارمل ٿي وئي هئين. تو ۾ آهستي آهستي خوشگوار تبديلي اچي رهي هئي. “[27]

ان کان پوءِ سنڌيا جو هڪ ڪردار تڏهن سامهون اچي ٿو جڏهن هوءَ ڪراچيءَ جي فليٽ تي منصور اڳيان نائٽي ۾ اچي ڪيس هرڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. هن واقعي مان اهو لڳي ٿو تہ ڄڻ سنڌيا، منصور سان جسماني تعلق قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي يا ڪيس پنهنجو جسماني حسن ڏيکاري هن جي مجبوري ۽ بيوسيءَ ۾ اضافو ڪري ٿي.

ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي سنڌيا جو هڪ بالڪل نئون روپ سامهون اچي ٿو. جڏهن هو پنهنجي پراڻي عاشق نور محمد سان تعلق ٻيهر بحال ڪري ٿي. سنڌيا جو منصور کان پنهنجي موالي پيءُ لاءِ سندس پيٽ جو بدي ۾ سڱ گهرڻ ۽ زمين ۽ پئسي جي ڪري نور محمد کي فوقيت ڏيڻ، اهڙا عمل آهن جيڪي پڙهندڙ سنڌيا جي ڪردار مان بالڪل بہ توقع نہ ٿو ڪري، ڇو تہ ڪهاڻيءَ جي ابتدا کان ڪٿي بہ ليڪ طرفان اهڙو اشارو ڏنل نہ آهي، جنهن مان اهو لڳي تہ سنڌيا لالچي يا خودغرض ڇوڪري آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

منصور ڪان سندس پيڻ جو پنهنجي بدي ۾ سگ گهرڻ بالڪل غير منطقي فعل آهي. هڪ انتهائي حد تائين غير روايتي ڇوڪري اهو ڪيئن ڪري سگهي ٿي. سنڌيا جي ڪردار ۾ اچڻ واري اوچتي تبديليءَ جو ڪو بہ منطق يا سبب ليکڪ نہ ڏئي سگهيو آهي، تنهن ڪري اها تبديلي غير متوقع ۽ اڻ ٺهڪندڙ آهي.

فورسٽر موجب:

"The test of a round character is whether it is capable of surprising in a convincing way. If it never surprises, it is flat it does not convince, it is flat pretending to be round."(28)

فورسٽر جي گهڻ رُخي ڪردار جي وصف جي روشنيءَ ۾ اهو ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌيا پڙهندڙن کي ڇرڪائي تہ ضرور ٿي، پر سندس ڇرڪائڻ بالڪل غيرفطري محسوس ٿئي ٿو. فورسٽر مطابق سنڌيا هڪ سڌو ڪردار آهي، جيڪا گول هجڻ جي توقع ڪري ٿي. سنڌيا جو ڪردار انهيءَ نموني اُٽيل آهي جو ناول نگار ان کي آدرشي بڻائي پيش ڪري ٿو. سندس خوبين سبب ان کي ڪردار جي اعليٰ اونچاين تي ڪٽي وڃي ٿو ۽ آخر ۾ ان کي انهن بلندين تان ڪيرائي انتهائي پستيءَ ۾ اڇلائي ڇڏي ٿو، ۽ ان کي هڪ عام روايتي، لالچي ۽ بيوفا ڇوڪري ثابت ڪري ٿو.

## نتيجو:

هن سڄي بحث کان پوءِ اهو نتيجو آسانيءَ سان اخذ ڪري سگهجي ٿو تہ انگريزي ناول جي معيار تي هي ناول پورو نٿو لهي. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ورجاءُ، ڪمزور پلاٽ ۽ ڪردارن جو فليٽ (سڌو) هئڻ جي ڪري ليکڪ ناول نگاريءَ جي فن جي معيار کي پهچڻ ۾ ناڪام نظر اچي ٿو، ۽ ناول ۾ هڪ اعليٰ ۽ بهترين ڪهاڻي پيش ڪرڻ بدران هڪ ذاتي تجربي تي ٻڌل، رومانوي ۽ جذبات سان ڀرپور آڪاڻي پيش ڪري ٿو.

## حوالا


1. Aziz Sheikh, 'History of Sindhi Literature', Department of Culture and Tourism, Govt. of Sindh, 2008, p. 169.
2. Oxford online Dictionary, 2013.
3. Encyclopedia Britanica.
4. چانڊيو، منير، 'ڪيف ڏاران ڪوءِ'، پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2011ع، ص:101.
5. ساڳيو، ص: 102.




Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل


6. ساڳيو، ص: 78.
7. Forester, E. M, 'Aspects of Novel', Edit: Oliver Stallybrass, Penguin Books, Great Britain, 1974, p. 44.
8. Ibid
9. چانڊيو، منير، 'ڪيف ڏاران ڪوءِ'، پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2011ع، ص: 13.
10. ساڳيو، ص: 15.
11. Forester, E. M, 'Aspects of Novel', Edit: Oliver Stallybrass, Penguin Books, Great Britain, 1974, p. 88.
12. چانڊيو، منير، 'ڪيف ڏاران ڪوءِ'، پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2011ع، ص: 17.
13. ساڳيو، ص: 159.
14. ساڳيو، ص: 177.
15. ساڳيو، ص: 182.
16. Baldick. C, 'Oxford concise dictionary of literary terms', Oxford University Press Inc. Newyork, 2011, p. 13.
17. چانڊيو، منير، 'ڪيف ڏاران ڪوءِ'، پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2011ع، ص: 182.
18. ساڳيو، ص:
19. Forester, E. M, 'Aspects of Novel', Edit: Oliver Stallybrass, Penguin Books, Great Britain, 1974, p. 73.
20. Ibid, p. 77.
21. چانڊيو، منير، 'ڪيف ڏاران ڪوءِ'، پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2011ع، ص: 192.
22. ساڳيو، ص: 193.
23. ساڳيو، ص: 193.
24. ساڳيو، ص: 192.
25. ساڳيو، ص: 45.
26. ساڳيو، ص: 49.
27. ساڳيو، ص: 68.
28. Forester, E. M, 'Aspects of Novel', Edit: Oliver Stallybrass, Penguin Books, Great Britain, 1974, p. 81.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair